# آمدِ مصطفىٰ!

# مرحبا! مرحبا!

**14-September-2023**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

14 سيپٽمبر 2023ء تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# آمدِ مصطفيٰ! مرحبا! مرحبا!

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ... ميلاد شريف جي برڪت سان شفا ملي وئي
- ... قرآن ڪريم ۾ ميلاد جو ذڪر
- ... نورِ مصطفيٰ جون تجليون
- ... ميلاد ملهائڻ جون برڪتون
- ... حضرت عباس رَضِیَ اللہُ عَنْہُ اشعار جي صورت ۾ ميلاد پڙهيو

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي برڪت سان ديدار مصطفيٰ نصيب ٿي ويو

حضرت محمد بن سعيد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون درودِ پاڪ جو هڪ تعداد مقرر ڪري رکيو هو ۽ اوتري تعداد ۾ درود شريف پڙهي ڪري سمهندو هيس .الحمد لله !درودِ پاڪ جي برڪت سان هڪ ڏينهن مون تي ڪرم ٿي ويو، مان سُتل هيس ته قسمت جاڳي پئي، مون ڏٺو ته منهنجا پيارا آقا، مديني وارا مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان جي گهر، منهنجي ڪمري ۾ تشريف ڪٺي آيا، اللّٰهُ اڪبر! نورِ مصطفيٰ جي چمڪ ڏمڪ سان پورو ڪمرو روشن ٿي ويو.

بہرِ دیدار جھک آئے ہیں زمیں پر تارے | واہ اے جلوۂ دِلدار! چمکنا تیرا[1]

واھ! خوش نصيبي...!! منهنجا ڪريم آقا، منهنجا رحيم آقا، غريبن کي نوازڻ وارا، تمام نبين جا سَرور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪرم جي بارش وسائيندي مون غلام جي ويجهو تشريف ڪٺي آيا ۽ محبت ڀري انداز ۾ فرمايائون: اي منهنجا پيارا امَّتي! جنهن وات سان تون مون تي درود پڙهندو آهين، هيڏي ڪر! مان ان وات کي چُمان!!...

قربان میں اُن کی بخشش کے، مقصد بھی زباں پر آیا نہیں
بن مانگے دیا اور اتنا دیا، دامن میں ہمارے سمایا نہیں

---

[1]...ذوقِ نعت، صفحہ:26۔

اُن کا تو شعار کریمی ہے، مائل بہ کرم ہی رہتے ہیں
جب یاد کیا اے صَلِّ عَلٰی ، وہ آ ہی گئے تڑپایا نہیں

حضرت محمد بن سعيد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جانِ ڪائنات، فخرِ موجودات صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ ذيشان ٻڌي ڪري مونکي حَيا آئي تہ ڪٿي منهنجو وات ۽ ڪٿي حُضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جا پيارا پيارا، سهڻا سهڻا چَپ...!! هي سوچي ڪري مون شرم سان پنهنجو چهرو جهڪائي ورتو، هاڻي سراپا حسن و جمال، بي بي آمنہ جي لال صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم پاڻ منهنجي ڳلَ کي چُمي ڏنائون!!...

ارمان زَدوں کی ہیں تمنائیں بھی پیاری | ارمان نکالا تو کس ارماں سے نکالا [1]

حضرت محمد بن سعيد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وڌيڪ فرمائن ٿا: سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي هن عنايت سان نوازيو ئي هو تہ منهنجي اک کلي وئي، منهنجي گهر واري (Wife) جيڪا ويجهو ئي ستل هئي، اها بہ جاڳي پئي، اسان جو گهر پاڪيزه نبي، مڪي مدني، رسولِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي خوشبوئن سان مهڪي رهيو هو ۽ منهنجو ڳلُ تہ 8 ڏينهن تائين مهڪندو رهيو.[2]

وہ جس رَہ سے گزرتے ہیں، بسی رہتی ہے مُدَّت تک
نصیب اُس گھر کے جس گھر میں ٹھہریں میہماں ہو کر [3]

اي عاشقان رسول! ڏٺو توهان درودِ پاڪ جي برڪت سان حضرت محمد بن سعيد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تي ڪهڙو ڪرم ٿيو...! اللّٰه پاڪ اسان کي بہ ڪثرت سان

---

[1] ...ذوقِ نعت، صفحہ:60۔
[2] القول البديع، صفحہ:140-141۔
[3] ...ذوقِ نعت، صفحہ:130۔

درودِ پاڪ پڙهڻ جي توفيق عطا فرمائي.

بیٹھتے اٹھتے، جاگتے سوتے | ہو الٰہی مرا اشِعار درود (1)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي. [2]

پيارا اسلامي ڀائرو! سٺي نيت افضل ترين عمل آهي، بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا، مثال طور نيت ڪيو نگاهون هيٺ ڪري بيان ٻڌندس، علمِ دين جي تعظيم جي نيت سان جيتري دير ٿي سگهيو گوڏن ڀر يعني التَّحِيَّات ۾ ويهڻ جيان ويهندس، ضرورتًا سرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪشادي ڪندس، ڌڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس گهُورڻ، جهڻڪڻ، تڪرار ڪرڻ کان بچندس، بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي مسلمانن کي سلام ڪندس، هٿ ملائيندس ۽ انفرادي ڪوشش ڪري نيڪيءَ جي دعوت پيش ڪندس. اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْکَرِیْم!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ميلاد شريف جي برڪت سان شفا ملي وئي

حضرت ميان غلام حيدر رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو هڪ بلوچستان جو بزرگ ٿي گذريو آهي، سندس هڪ مريد هو، ان جو نالو هو: جمعو. ڊادر شهر جو رهاڪو هو، ان کي عالم سڳورن جا لکيل ميلاد نامه پڙهڻ جو تمام گهڻو شوق هو. هڪ ڀيري حضرت ميان غلام حيدر رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڪنهن ڪم سان ڊادر شهر تشريف ڪٺي آيا، سندن جا مريدَ کين ملڻ جي لاءِ حاضر ٿيا پر جمعو نالي

[1] ... ذوقِ نعت، صفحه:124.
[2] بخاري، ڪتَاب بَدءِ الْوَحي، صفحو:65، حديث:1.

شخص نہ آيو، ميان صاحب رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَيْہ معلومات ورتي تہ خبر پئي تہ اهو ٻن سالن کان بيمار آهي ۽ ان جا پير سُڪي چُڪا آهن، هلڻ ڦرڻ کان لاچار آهي. ميان صاحب رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَيْہ ان کي گهرايو ۽ فرمايو: اڄ رات ميلاد نامو پڙهو! اللّٰه پاڪ خير فرمائيندو. مريد پير جي فرمان تي لَبَّيْڪ چيو ۽ پوري يقين سان سڄي رات ميلاد شريف پڙهندو رهيو، اللّٰه پاڪ ان تي ڪرم فرمايو، صبح جي وقت ان اٿڻ چاهيو تہ لٺ جي سهاري پاڻ ئي اٿي ويو، ميلاد شريف پڙهڻ جي برڪت سان ان کي شفا ملي وئي ۽ اهو پاڻ پنهنجي پيرن تي هلي ڪري گهر پهتو.

جس وقت کوئی مرحلہ دُشوار آگیا | اُس وقت کام سیّدِ ابرار آگیا
برسیں گھٹائیں رحمتوں کی جھوم جھوم کر | رحمت سراپا جب مرا سردار آگیا [1]

اي عاشقانِ رسول! الحمدللّٰه الحمدللّٰه! ربيع النور شريف يعني ربيع الاوّل جو مهينو تہ چا ايندو آهي هر طرف بهار جي موسم اچي ويندي آهي. پياري پياري آقا، مَڪي مَدني مُصَطفيٰ صَلَّى اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ديوانن ۾ خوشي جي لهر اچي ويندي آهي، پوڙهو هجي يا جوان هر حقيقي مسلمان جڻ دل جي زبان سان پڪاري اٿندو آهي:

نثار تیری چہل پہل پر ہزار عیدیں ربیع الاوّل
سوائے ابلیس کے جہاں میں سبھی تو خوشیاں منا رہے ہیں

اللّٰه پاڪ اسان کي هن مبارڪ مهيني جون برڪتون نصيب فرمائي، اسان بہ جشن ولادت جي خوشي ۾ چراغان ڪيون، گهر سجايون، گهٽيون سجايون، خوب تلاوتِ قرآن ڪيون، درود پاڪ جي ڪثرت ڪيون، ذڪر محبوب جون محفلون سجايون، گناهن کان بچندي، شريعت جي دائري ۾ رهي ڪري خوب ڌوم ڌام سان ميلاد ملهايون، هي سڀ اخلاق سان، اللّٰه ۽ رسول جي رضا جي

[1]...وسائلِ بخشش، صفحہ:200۔

لاءِ ڪيون تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! دين ۽ دنيا جون بيشمار برڪتون نصيب ٿينديون.

الله پاڪ توفيق نصيب فرمائي. آمِين بِجَاہ خَاتَمِ النَّبِیّن صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم

نور کی پُھوہار برسی چار سُو ہے روشنی | ہو گیا گھر گھر چَراغاں عیدِمیلادُالنَّبی
غنچے چٹکے، پھول مہکے ہر طرف آئی بہار | ہو گئی صبحِ بہاراں عیدِمیلادُالنَّبی
ہم نہ کیوں روشن کریں گھر گھر دِیے مِیلاد کے | خود کرے جب حق چَراغاں عیدِمیلادُالنَّبی[1]

سرکار کی آمد! مرحبا! | سردار کی آمد! مرحبا!
رسول کی آمد! مرحبا! | مختار کی آمد! مرحبا!
اچھے کی آمد! مرحبا! | سچّے کی آمد! مرحبا!

## قرآنِ ڪريم ۾ ميلاد جو ذڪر

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي آقا و موليٰ، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم مخلوق ۾ سڀني کان افضل ۽ اعليٰ آهن. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! قرآن ڪريم ۾ ڪُل 7 هزار مقامن تي پاڻ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جو واضح لفظن ۾ ذڪر آيو آهي،[2] قرآنِ ڪريم ۾ پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم[1] جي مبارڪ نالن جو بہ ذڪر آهي، پاڻ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي ولادت جي جڳهہ جو بہ ذڪر آهي، پاڻ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي صفتن جو بہ ذڪر آهي، پاڻ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي فضائل جو بہ ذڪر آهي ۽ الحمدلله! قرآن ڪريم ۾

---

[1] ...وسائلِ بخشش،صفحہ:379 - 380 ملتقطاً۔
[2] بصائر ذوی التمییز فی لطائف الکتاب العزیز،الباب الثلاثون،بصیرة فی ذکر نبینا،جلد:6،صفحہ:17.

2۔ 4 پيرا نہ بلڪہ هڪ محتاط اندازي جي مطابق ڪُل 27 هنڌن تي ميلاد (يعني سندن دنيا ۾ تشريف آوري) جو ذڪر موجود آهي.

| | |
|---|---|
| حسنِ وِلادتِ سرکار سے ہوا روشن | مرے خُدا کو بھی پیاری ہے بارہویں تاریخ (1) |
| سرکار کی آمد! مرحبا! | سردار کی آمد! مرحبا! |
| رسول کی آمد! مرحبا! | مختار کی آمد! مرحبا! |
| اچھے کی آمد! مرحبا! | سچّے کی آمد! مرحبا! |

## بيشڪ توهان وٽ رسول آيو

سيپارو11 سوره توبھ جي آيت نمبر 128 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

لَقَدْ جَآءَكُمْ رَسُوْلٌ مِّنْ اَنْفُسِكُمْ عَزِيْزٌ

عَلَيْهِ مَا عَنِتُّمْ حَرِيْصٌ عَلَيْكُمْ بِالْمُؤْمِنِيْنَ رَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ﴿۱۲۸﴾

**ترجموڪنزالايمان**: بيشڪ توهان وٽ تشريف وني آيو توهان منجهان اهو رسول جنهن کي توهان جي تڪليف ڏاڍي ڏکي لڳندي آهي توهان جي ڀلائي جو سختي سان چاهيندڙ مسلمانن تي شفقت فرمائيندڙ مهربان آهي.

مفسر قرآن، حڪيم الأُمت، مفتي احمد يارخان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هي آيت ڪريمہ حضور اڪرم، نور مجسم صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نعت جو خزينو آهي. هن ۾ پاڻ سڳورن صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ميلاد جو ذڪر ٿيو آهي. هن ۾ ٿورو غور ڪيو! پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو دنيا ۾ اچڻ تہ سيئي ماڻهو ڄاڻين ٿا، پوءِ ڄاڻل شيءِ کي ڇو بيان ڪيو ويو؟ انهيءَ ڪري تہ جيئن ان سان پاڻ سڳورن صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت جو ذڪر ٿي وڃي.

[1]...ذوقِ نعت،صفحہ:122۔

الحمدلله! پياري آقاء رسول خُداء احمدِ مجتبيٰ صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت، سندن عزّت ۽ عظمت ۽ سندن بي مثل ۽ بي مثال شان جو ذڪر انبياءِ ڪرام عليهم السلام بہ ڪندا هئا، الله پاڪ بہ قرآن ڪريم ۾ انهن ڳالهين جو ذڪر فرمايو، هن مان معلوم ٿيو: ميلاد پاڪ جو ذڪر ڪرڻ سُنّتِ الٰهيہ بہ آهي ۽ سُنّتِ انبياء بہ آهي.[1]

## آيتِ ڪريم جي مختصر وضاحت

مفتي صاحب وڌيڪ فرمائن ٿا: الله پاڪ جي سيني کان وڏي نعمت نبي ڪريم صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن، انهيءَ ڪري ربّ ڪريم قرآن مجيد ۾ مختلف جڳهن تي الڳ الڳ انداز ۾ حضور انور صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ميلاد شريف ارشاد فرمايو. ❀ ڪٿي عام انسانن کي حضور صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ميلاد ٻڌايو. ❀ ڪٿي صرف مسلمانن کي ٻڌايو. ❀ ڪٿي سڄي مخلوق کي ٻڌايو. ❀ ڪٿي پنهنجي نبين کي پنهنجي محبوب صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ميلاد ٻڌايو، پوءِ هر جڳهہ اهڙي شان سان ميلادِ مصطفيٰ جو ذڪر فرمايو جو.... بس! قربان وڃو!

جيئن تہ هن آيت ڪريمہ ۾ حضور انورصَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڪيئي صفتن سان ميلاد شريف ٻڌايو ويو، فرمايائون: اي انسانو! توهان وٽ اهو رسول ڪريم صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي آمد جي ڊوم ڏام انسان جي تخليق کان بہ پهريان مچي وئي هئي، جن جي آمد جي خوشي سيني نبين ملهائي. جنهن جو انتظار دنيا کي هيو، اهو عظيم الشان رسول هاڻي توهان وٽ تشريف ڪٺي آيو ۽ ياد رکو! اسان جا محبوب صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جسماني طور تي جيتوڻيڪ عرب ۾ آيا پر سندن جي رسالت قيامت تائين هرهر گهر ۾، هر دل ۾ پهتي، هن محبوب نبي صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا شان بہ ٻڌو! ❀ اهي توهان تي ايئن مهربان ۽ توهان جي هر حالت کان ايئن خبردار آهن جو توهان جي تڪليف انهن کي ڏکي لڳي ٿي.

[1] شانِ حبيب الرحمٰن،صفحہ:95 خلاصةً.

🌸 توهان جي دل ونڻ ۾ گهرڻ کان نٿي پرجي، انهن جي دل توهان کي عطا ڪرڻ سان نٿي پرجي، هو ڏيڻ جا حريص آهن. 🌸 سندن رحمت عام سڄي جهانن جي لاءِ آهي پر خاص رحمت هميشه دنيا ۾، قبر ۾ به مؤمنن جي لاءِ آهي.

خالقِ کل اے ربّ عُلیٰ | شکر ترا کیوں کر ہو ادا
ہم کو وہ محبوب دیا | رُتبہ جس کا سب سے سوا

لا الٰہ الا اللہ آمنا برسول اللہ (1)

## تمام صفتن سان دنيا ۾ آيا

صوفياءِ ڪرام هن آيتِ ڪريمه جي حوالي سان فرمائن ٿا: اللّٰه پاڪ روح مصطفيٰ کي نوراني صورت ڏئي موڪليو، سندن مٿو مبارڪ برڪت سان، مبارڪ اکيون حياء سان، ڪن شريف عزت سان، زبان مبارڪ ذڪر سان، چپ مبارڪ تسبيح سان، چهرو مبارڪ رضاءِ الٰهي سان، سينو مُقَدس اخلاص سان، پاڪيزه دل رحمت سان ۽ هٿ مبارڪ سخاوت سان بڻائي ڪري، ڪين هي تمام صفتون ڏئي ڪري موڪليو ويو.[2]

## لفظِ جاءَ جي ايمان اَفروز وضاحت

پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪا آيتِ ڪريمه هاڻي اسان ٻڌي، ان ۾ اللّٰه پاڪ لفظ جَاءَ ارشاد فرمايو، ان ۾ به وڏي ايمان اَفروز نعت شريف آهي. الحاج مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: قرآن ۾ عام ماڻهن جي پيدائش جي ذڪر جي لاءِ 2 لفظ استعمال ٿيا آهن: (1) خَلَق(يعني پيدا ڪرڻ، بڻائڻ) (2) بَدَع (يعني ايجاد ڪرڻ). پر حضُور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دنيا ۾ تشريف آوري جي لاءِ 3 لفظ ارشاد ٿيا: (1) جَاءَ (تشريف ڪٽي آيا) (2): اَرسَلَ (موڪليو) (3) بَعَثَ (مبعوث ڪيو يعني موڪليو)، مطلب: قرآن ڪريم ۾ ڪٿي به پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي

---

[1] ...ديوانِ سالک،صفحه:31 ملتقطًا۔

[2] تفسيرِ نعيمی،پاره:11،التوبه،زيرِ آيت:128،جلد:11،صفحه:159 ملتقطًا۔

تشريف آوري جي لاءِ خَلَق يا بَدَع (يعني پيدا ڪرڻ) جو لفظ ناهي آيو، اُن ۾ بہ حڪمت آهي، اها هي تہ حضُور انور صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ربّ ڪائنات جي اعليٰ نعمت آهن. جيڪي تحفي طور مخلوق کي ڏنا ويا آهن.[1]

دِل جگمگا رہے ہیں قسمت چمک اُٹھی ہے | پھیلا نیا اجالا صبحِ شبِ وِلادت
دِن پھر گئے ہمارے، سوتے نصیب جاگے | خورشید ہی وہ چمکا صبحِ شبِ وِلادت[2]

پاڻ صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو دنيا ۾ اچڻ ايئن آهي جيئن ڪنهن حاڪم جو هڪ هنڌ کان ٻي هنڌ تبادلو ٿي اچي، مثال طور ڪو آفيسر ڪراچي ۾ ڊيوٽي ڪري ٿو، پوءِ ان جو تبادلو اسلام آباد ٿي ويو تہ ان جو مطلب هي نہ ٿيندو تہ هن آفيسر جي تخليق ئي هاڻي ٿي آهي، بلڪ اهو موجود تہ پهريان ڪان هيو، هاڻي صرف جڳهہ جي تبديلي ٿي آهي، ايئن ئي اوّل ۽ آخر نبي، رسول هاشمي صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نُور جي تخليق سڄي مخلوق کان پهريان ٿي چڪي هئي دنيا ۾ اچڻ کان پهريان پاڻ صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عالم اَرواح ۾ رسول هئا، سيني نبين کي فيض ڏئي رهيا هئا، جڏهن ان وقت پاڻ ڪريم صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عالم ارواح ۾ رهي ڪري انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جي وسيلي سان دنيا کي پنهنجي انوار ۽ تجليات سان نوازي رهيا هئا، هاڻي پاڻ صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خود دنيا ۾ تشريف ڪٺي آيا ۽ بلاواسطہ دنيا کي نوازڻ شروع فرمايو.

امام بوصيري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا:

فَاِنَّكَ شَمْسُ فَضْلٍ هُمْ كَوَاكِبُهَا
يُظْهِرْنَ اَنْوَارَهَا لِلنَّاسِ فِي الظُّلَمِ

---

[1] تفسيرِ نعيمی،پارہ:11،التوبہ،زیرِ آیت:128،جلد:11 ،صفحہ:151 بتغیر قلیل۔

[2]...ذوقِ نعت،صفحہ:94-96 ملتقطًا۔

يعني پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فضيلت جا سج آهن، باقي تمام انبياءِ ڪرام هن سج جا تارا آهن. جيترا نبي تشريف ڪٺي آيا اهي حَقيقت ۾ هن سِراج منير (يعني چمڪدار سج) ئي جي روشني دنيا ۾ ڦهلائي رهيا هئا.

يعني مطلب هي آهي ته جهڙي طرح سج نڪرڻ کان پهريان به سج ئي هوندو آهي، نڪرڻ کان بعد به سج ئي هوندو آهي، فرق صرف هي آهي ته طلوع ٿيڻ کان پهريان تارن جي وسيلي سان روشني پڄائي رهيو هوندو آهي ۽ طلوع ٿيڻ کان بعد بلاواسطه دنيا کي روشن ڪرڻ لڳندو آهي، ايئن ئي پيارا نبي، رسول هاشمي، مڪي مدني صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پهريان عالم اَرواح ۾ هئا، اُتان کان انبياءِ ڪرام کي فيض ڏئي رهيا هئا، هاڻي پاڻ تشريف ڪٺي آيا.[1]

| | |
|---|---|
| ہو مبارک اَہلِ ایماں عیدِ میلاد النبی | ہو گئی قسمت درخشاں عیدِ میلاد النبی |
| چار جانِب دُھوم ہے سرکار کے میلاد کی | جھومتا ہے ہر مسلماں عیدِ میلاد النبی |
| کھل اُٹھے مرجھائے دِل اور جان میں جان آگئی | آگئے ہیں جانِ جاناں عیدِ میلاد النبی |
| یانبی! اپنی وِلادت کی خوشی میں اپنا غم | دیجئے طیبہ کے سُلطاں عیدِ میلاد النبی[2] |

| | | | |
|---|---|---|---|
| حُضُور کی آمد! | مرحبا! | غَیُّور کی آمد! | مرحبا! |
| پُرنور کی آمد! | مرحبا! | داتا کی آمد! | مرحبا! |
| مولیٰ کی آمد! | مرحبا! | پیارے کی آمد! | مرحبا! |

## واه! ڪهڙي نه شان سان آمد ٿي...!!

اي عاشقانِ آخري نبي! اسان جي آقا و موليٰ، محمد مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي روح مبارڪ جو ڇا ته شان آهي، ان جو ته بيان ممڪن ئي نه آهي، پاڻ سڳورا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جسماني طور تي هن دنيا ۾ ڪهڙي انداز سان تشريف

[1] تفسيرِ نعيمی،پاره:11،التوبه،زيرِ آيت:128،جلد:11 ،صفحه:151 بتغير قليل۔

[2] ...وسائل بخشش، صفحه:379-381 ملتقطاً۔

ڪٽي آيا، ان جو بہ شان نرالي آهي. امام بخاري جي استاد مُحدّث عبدالرزاق رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ حضرت جابر رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي سند سان روايت ڪن ٿا، حضور پُرنور صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: اي جابر اللّٰہ پاڪ سيني ڪان پهريان تنهنجي نبي جي نور کي پيدا ڪيو.[1]

حضرت ڪعب الاحبار رَضِیَ اللہُ عَنْہ کان روايت آهي: جڏهن آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي تخليق ٿي، اللّٰہ پاڪ هي نور ان جي پٺي مبارڪ ۾ رکيو، ملائڪ ان جي زيارت جي لاءِ سندن پٺيان صفون ٻڌي بيهندا هئا، حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام عرض ڪيو: موليٰ مان بہ ان نور جي زيارت ڪرڻ چاهيان ٿو. ڪين ان جي زيارت ڪرائي وئي تہ پاڻ آڱر سان ان جي طرف اشارو ڪري درود شريف عرض ڪيو. ان مقدس نور جا انوار سندن مبارڪ پيشاني ۾ ايئن روشن هئا جيئن سج آسمان ۾ ۽ چنڊ اونداهي رات ۾، پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجي پيشماني مان پکين جي تنوارڻ جهڙي آواز ٻڌندا هئا، عرض ڪيائون: الٰهي! هي ڇا جي آواز آهي؟ فرمايو: هي خَاتَمُ النَّبِيِّيْن، سَيِّدُ الْمُرْسَلِين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تسبيح جي آواز آهي.

جڏهن حضرت شيث عَلَيْهِ السَّلَام پيدا ٿيا، سندن پيشاني ۾ نورِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم روشن هيو، سندن جي ولادت ٿي تہ ملائڪ مبارڪباد ڏيڻ آيا.[2]

جيئن تہ حضرت شيث عَلَيْهِ السَّلَام جو نڪاح پنهنجي زماني جي نهايت حسين ۽ افضل ترين خاتون حضرت بيضاء رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھَا سان ٿيو.[3] حضرت جبريلِ امين عَلَيْهِ السَّلَام نڪاح جو خطبو پڙهيو ۽ ملائڪ گواهہ ٿيا.

حضرت شيث عَلَيْهِ السَّلَام کان بعد سندن فرزند حضرت اَنُوش رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ ٿيا، ان کان بعد سندن پٽ حضرت قينان ۽ پُوءِ حضرت ادريس عَلَيْهِ السَّلَام، الغرض حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام

[1] الجزء المفقود من مصنف عبد الرزاق، کتاب الایمان، باب فی تخلیق ...الخ، صفحہ:63،حدیث:18۔
[2] شرح الزرقانی علی المواھب، المقصد الاول، فی تشریف اللہ تعالی...الخ، جلد:1 صفحہ:124۔
[3] حجۃ اللہ علی العالمین، القسم الثانی، الباب الاول، فی بدء خلق نورہ...الخ، صفحہ:163۔

ڪان وني حضرت عبدالله رَضِیَ اللّٰہ عَنۡہُ تائين پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا سيئي ابا ڏاڏا اهل ايمان، پاڪيزه ۽ باڪردار هئا.

حضور کی آمد! مرحبا! | غیّور کی آمد! مرحبا!
پُرنور کی آمد! مرحبا! | داتا کی آمد! مرحبا!
مولیٰ کی آمد! مرحبا! | پیارے کی آمد! مرحبا!

عرش پہ تازہ چھیڑ چھاڑ، فرش پہ طرفہ دھوم دھام
کان جدھر لگایئے تیری ہی داستان ہے[1]

## نور مصطفيٰ جون تجليون

نور مصطفيٰ صَلَّى الله عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دنيا ۾ جلوه گر ٿيڻ ڪان پهريان تمام بُت منهن ڀَر ڪِريل ڏٺا ويا.[2] بادشاهن جا تخت اونڌا ٿي ويا. جانورن کي ڳالهائڻ جي طاقت ڏني وئي، اوير جي پکين اولهه وارن کي خوشخبريون ڏنيون، قريش جي چوپاين چيو: ربّ ڪعبه جي قسم! اهي دنيا جا امام ۽ اهل دنيا جي لاءِ سج آهن.[3] قريش جيڪي سخت ڏڪار جو شڪار هئا، رسول ڪريم صَلَّى الله عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تشريف آوري جي ڏينهن ۾ ڏڪار ختم ٿي ويو، زمين سرسبز ٿي وئي ۽ وڻ ٽڻ ميويدار ٿي ويا انهي ڪري هن سال کي سَنَةُ الْفَتْحِ وَالِابْتِهَاجِ (فتح ۽ خوشحالي جي سال) جو نالو ڏنو ويو.[4]

## سيده آمنہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہَا جا مشاهدا

اُمّ مصطفيٰ، سيده آمنہ رَضِیَ اللّٰہ عَنۡہَا فرمائن ٿيون: هڪ ڏينهن مان سمهي رهيس، خواب ۾ ڪنهن چيو: ڇا اوهان کي خبر آهي تہ اوهان هن اُمّت جي سردار ۽ نبي

---

[1]...حدائق بخشش، صفحہ:178۔
[2] مواهب اللدنية، المقصد الاول...الخ، آيات حمله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، جلد:1، صفحہ:61خلاصةً۔
[3] مواهب اللدنية، المقصد الاول...الخ، آيات حمله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ، جلد:1، صفحہ:62-63بتغير قليل۔
[4] مواهب اللدنية، المقصد الاول...الخ، آيات حمله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ، جلد:1، صفحہ:61 بتغير قليل۔

جون والده ٻٽجڻ واريون آهيو، ان جي ولادت جي وقت نور روشن ٿيندو جنهن سان بصره ۽ شام جون ماڙيون چمڪي ونديون، جڏهن ولادت ٿي تہ ان جو نالو مُحَمّد رکجو.[1] هڪ روايت ۾ آهي: پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنۡهَا کي خواب ۾ چيو ويو: عنقريب اوهان وٽ پٽ پيدا ٿيندو، ان جو نالو اَحْمد رکجو! اهي تمام جهانن جا سردار آهن.[2]

مُحدث ابو نعيم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي روايت آهي: ولادت جو وقت آيو تہ اللّٰہ پاڪ ملائڪن کي حڪم ڏنو تہ جنت ۽ تمام آسمانن جي دروازن کي کولي ڇڏيو، ان ڏينهن سڄ عظيم نور سان معمور ٿي ويو، ۽ رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عزّت افزائي ۾ هن سال تمام عورتن کي پٽ ئي پيدا ٿيا.[3]

حضرت ابن عباس رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ روايت ڪن ٿا: سيده آمنہ رَضِیَ اللهُ عَنۡهَا فرمايو: خواب ۾ ڪنهن چوڻ واري چيو: اي آمنہ! اوهان خَيْرُ الْعَالَمِيْن (تمام جهانن جي بهتر) جون والده ٻٽجڻ واريون آهيو، جڏهن ولادت ٿي تہ ان جو نالو مُحَمّد (صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) رکجو ۽ پنهنجو معاملو لڪائي رکجو.[4]

وڌيڪ فرمائن ٿيون: جڏهن ولادت جو وقت آيو تہ مان گهر ۾ اڪيلي هيس، حضرت عبدالمطلب رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ طواف ڪرڻ ويل هئا، هي سومر جو ڏينهن هيو، مون دل ڏڪائيندڙ آواز ٻڌو، پوءِ مون کي ائين محسوس ٿيو تہ هڪ پکي اڇي پَرن سان مَس (touch)ڪيو، ان سان منهنجو خوف ويندو رهيو، پوءِ اڇي رنگ جو شربت آندو ويو، شايد هي کير هيو، مونکي اُڃ لڳي، مون شربت پيتو تہ مون مان بلند نور روشن ٿي ويو، پوءِ ڏٺي قد جي عورتن مون کي گهيري ورتو، مان سمجهيس تہ عبد مناف جون عورتن آهن، هاڻي مان عجب ۾ پئجي

---

[1] سبل الهدى، جماع ابواب مولد...الخ، الباب الثاني في حمل آمنة...الخ، جلد: 1، صفحہ:328 ملتقطًا

[2] فتاویٰ رضويہ،جلد:30، صفحہ:259 بتغير قليل۔

[3] مواهب اللدنية، المقصد الاول...الخ، آيات ولادتہ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ، جلد:1، صفحہ:65۔

[4] مواهب اللدنية، المقصد الاول...الخ، آيات ولادتہ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ،جلد:1، صفحہ:65۔

ويس تہ انهن کي منهنجي باري ۾ کيئن علم ٿيو، انهن مان هڪ چيو: مان آسيہ آهيان، ٻي چيو: مان مريم بنت عمران آهيان ۽ باقي عورتن جي طرف اشارو ڪري ٻڌايو: هي حورِعين آهن.

منهنجي حالت خراب ٿي رهي هئي، عجيب آواز مون کي باربار خوف زده ڪري رهيا هئا، ايتري ۾ ڏٺم تہ: زمين کان آسمان تائين اڇي رنگ جو ريشمي ڪپڙو لٽڪايو ويو آهي ۽ ڪجھ ماڻهو چاندي جا ٿانوَ کڻي هوا ۾ بيٺا آهن. مون کي پگهر اچي رهيو هيو جنهن جا ڦڙا موتين جهڙا ۽ خوشبو مشڪ جهڙي هئي، مان چئي رهي هيس: ڪاش عبدالمطلب رضی اللہ عنہا تشريف کڻي اچن. پوءِ اچانڪ پکين جو هڪ ميڙ جن جون چهنبون زمرد جون ۽ پَر ياقوت جا هئا. منهنجي ڪمري ۾ داخل ٿيا. ان وقت الله پاڪ منهنجي اکين تان پردا هٽائي ڇڏيا، مون کي زمين جا اوير ۽ اولھ ڏسڻ ۾ اچي رهيا هئا، مون ڏٺو تہ ٽي جهنڊا نصب ڪيا ويا هڪ اوير ۾، ٻيو اولھ ۾، ٽيون ڪعبي جي ڇت تي لڳايو ويو .

جبریل امین نے گاڑا کعبے کی چھت پہ جھنڈا
تا عرش اُڑا پھریرا، صبحِ شبِ وِلادت

هاڻي ولادت جو وقت آيو، عورتن مون کي گهيري ورتو ۽ ٿوري دير جي لاءِ مون کي ڪجھ نظر نہ آيو.

جس سہانی گھڑی چمکا طیبہ کا چاند
اس دل افروز ساعت پہ لاکھوں سلام (1)

محمد مصطفيٰ صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم جي ولادت ٿي، پاڻ شهادت واريون آڱريون آسمان جي طرف کڻي سجدي جي حالت ۾ هئا.[1] حضرت عبدالله بن عباس رضی اللہ عنہما

---

[1]...حدائق بخشش، صفحہ:305۔

ڪان روايت آهي، حضرت سيدتنا آمنہ رَضِیَ اللہ عَنۡہَا فرمائن ٿيون تہ، ولادتِ مصطفيٰ جي وقت اهڙو نور چمڪيو جو مشرق ۽ مغرب روشن ٿي ويا ۽ مان مڪي ڪان شام جي محلات واضح طور تي ڏسي ورتا. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پاڪ و صاف پيدا ٿيا.[2]

مسلمانو! صبحِ بہاراں مبارک | وہ برساتے انوار سرکار آئے
مبارک تجھے آمِنہ ہو مبارک | ترِے گھر شہنشاہِ ابرار آئے
جہاں میں وہ سکہ بٹھانے کو دیں کا | مٹانے وہ باطِل کے آثار آئے

حضرت سيدتنا آمنہ رَضِیَ اللہ عَنۡہَا فرمائن ٿيون: پوءِ آسمان مان هڪ ڪڪر لهي آيو جنهن پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڍڪي ڇڏيو ۽ مون کان غائب ڪري ڇڏيو، ڪو چوڻ وارو چئي رهيو هيو: محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اولهہ ۽ اوڀر جي سير ڪرايو! انهن کي سمنڊن ۾ وٺي وڃو! تہ جيئن تمام مخلوق سندن نالو، حليو ۽ اوصاف ڄاڻي، سيني کي معلوم ٿي وڃي تہ هي ماحي (مٽائڻ وارو) آهي جيڪو شرڪ کي مٽائي ڇڏيندو. پوءِ جلد ئي اهو ڪڪر ڦاٽي پيو.

خطيب بغدادي رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ جي روايت ۾ آهي، پاڻ رَضِیَ اللہ عَنۡہَا فرمائن ٿيون: پوءِ مون ڏٺو تہ پاڻ ريشم جي سائي ڪپڙي ۾ ويڙهيل آهن ۽ ان مان پاڻي ٽمي رهيو آهي، ڪو اعلان ڪرڻ وارو اعلان ڪري رهيو هيو: واهہ واهہ ڇا تہ خوب...!! محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي تمام دنيا تي قبضو عطا ڪيو ويو، ڪائنات جي ڪا شيءِ ناهي جيڪا سندن قبضي هيٺ ۽ غلبي ۽ اطاعت ۾ نہ هجي. هاڻي مون مبارڪ چهرو ڏٺو جيڪو چوڏهين جي چنڊ جيان چمڪي رهيو هيو ۽ بدن مبارڪ مان پاڪيزه خوشبو اچي رهي هئي پوءِ ٽي شخص نظر آيا، (1) هڪ جي هٿ ۾ چاندي جو ڪوئنرو (2) ٻي جي هٿ ۾ سائي زمرد جو ٿالهہ (3) ۽ ٽين جي

[1] مواهب اللدنية، المقصد الاول...الخ، آيات ولادته صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ،جلد:1، صفحه:65-66 ملتقطاً
[2] مواهب اللدنية، المقصد الاول...الخ، آيات ولادته صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ،جلد: 1، صفحه:68 بتغير قليل

هٿ ۾ هڪ چمڪدار منڊي هئي، منڊي کي 7 ڀيرا ڌوئي ڪري ان حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ ڪلهن جي وچ ۾ مهر نُبُوّت لڳائي پوءِ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ريشمي ڪپڙي ۾ ويڙهي ڪري منهنجي حوالي ڪيو ويو.[1]

آمنہ تجھ کو مُبارک شاہ کا میلاد ہو

تیرا آنگن نور، تیرا گھر کا گھر سب نور ہے (2)

| | | | |
|---|---|---|---|
| سرکار کی آمد! | مرحبا! | سردار کی آمد! | مرحبا! |
| رسول کی آمد! | مرحبا! | مختار کی آمد! | مرحبا! |
| اچھے کی آمد! | مرحبا! | سچّے کی آمد! | مرحبا! |

## ولادتِ باسعادت جي متعلق عجيب واقعو

حضرتِ سَيدُنا علامہ ابن حجر مڪّي شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نِعْمَةُ الْكُبْرىٰ جي صفحي نمبر 52 تي ولادتِ مططفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ٿيندڙ هڪ ايمان آفروز ۽ عقلن کي حيران ڪندڙ واقعو لکن ٿا تہ هڪ شخص جنهن جو نالو”عامر يمني“ هو ان جي هڪ نياڻي هئي جيڪا آنڌي جي خرابي ۽ ڪوڙهہ وغيره جي بيماري ۾ مبتلا هئڻ سان گڏوگڏ هلڻ ڦرڻ کان بہ لاچار هئي، عامر يمني وٽ هڪ بُت هو اهو پنهنجي نياڻي کي ان جي سامهون ويهاريندو ۽ بُت کي چوندو هو: ”جيڪڏهن تون شفا ڏئي سگهين ٿو تہ منهنجي ڌيءَ کي شفا ڏي.“ ڪيئي سالن تائين عامر يمني ائين چوندو رهيو پر بُت، سو بُت ئي بڻيو رهيو، پٿر جو بت ڀلا ڏئي بہ ڇا ٿو سگهي! توفيق و عنايت جي هوا هلي جو هڪ ڏينهن عامر يمني پنهنجي زال کي چوڻ لڳو تہ اسان ڪيستائين هن گونگي ٻوڙي پٿر کي پوڄيندا رهنداسين، جيڪو نہ ڳالهائي ٿو نہ ٻڌي ٿو، مان نٿو سمجهان تہ اسان”درست دين“ تي آهيون. ان جي گهر واريءَ چيو: چڱو صحيح آهي، اسان کي ساڻ وٺي

[1] مواهب اللدنية، المقصد الاول...الخ، آيات ولادتہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ، جلد: 1، صفحہ:66 ملتقطًا۔

[2]...وسائلِ بخشش،صفحہ:484۔

هدايت جي تلاش ۾ نڪري پئو شايد اسان کي حق جي طرف ڪو رستو ملي وڃي. زال مڙس ٻئي پنهنجي گهر جي ڇت تي ويهي حق و هدايت جي گفتگو ڪري رهيا هئا ته اوچتو انهن ڏٺو ته هڪ نور آهي جيڪو سڄي آسمان تي ڦهليل آهي ۽ ان جي روشني سان سڄي دنيا چمڪي رهي آهي! الله پاڪ انهن جي اکين اڳيان ظُلمت (يعني اونداهي) جا پڙدا هٽائي ڇڏيا ته جيئن اهي خوابِ غفلت مان جاڳي پون، ڇا ٿا ڏسن جو ملائڪن صفون ٻڌي هڪ گهر کي گهيري ورتو آهي، جبل سجدو ڪري رهيا آهن، زمين رڪيل آهي ۽ وڻ ٽڻ جهڪيل آهن ۽ هڪ چوڻ وارو چئي رهيو آهي:"مبارڪ هجيوَ! سچي ۽ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت ٿي چڪي آهي.

مبارک ہو کہ ختم المرسلیں تشریف لے آئے
جنابِ رحمۃ للعٰلمیں تشریف لے آئے

عامر يمني پنهنجي بت ڏانهن ڏٺو ته اهو منهن ڀر زمين تي ڪريو پيو آهي! عامر جي گهر واري چوڻ لڳي: ٿورو هن بت کي ته ڏسو! ڪيئن اونڌي منهن زمين تي پيل آهي! ايترو ٻڌندي ئي بت ڳالهائڻ لڳو:"خبردار ٿي وڃو! وڏي خبر ظاهر ٿي وئي آهي، اها پاڪ ذات پيدا ٿي چڪي آهي جيڪا ڪائنات کي شرف ۽ خوشي بخشيندي، آگاهه ٿي وڃو! اهي آخري نبي صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي آمد (يعني اچڻ) جو هر هڪ کي انتظار هيو، جن سان وڻ ٽڻ ۽ پٿر گفتگو ڪندا، اهي جن جي اشاري سان چنڊ ٻه ٽڪرا ٿيندو ۽ جيڪي ربيعه و مضر قبيلي جا سردار هوندا ظاهر ٿي چڪا آهن. اهو ٻڌي عامر يمني زال کي چيو: تون ٻڌي پئين نه، ته پٿر ڇا چئي رهيو آهي! چوڻ لڳي هن کان پڇو: ته اُن پيدا ٿيڻ واري سعادتمند جو نالو ڇا آهي جن جي نور سان الله پاڪ سڄي جهان کي روشن ڪري ڇڏيو آهي؟ عامر چيو: اي غيب مان ايندڙ آواز! هن پٿر صرف اڄ ئي ڳالهايو آهي اهو ته ٻڌايو ان عظيم هستي جو نالو ڇا آهي؟ جواب ڏنائين: ان

جو نالو محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي جيڪي صاحبِ زمر زمر و صفا (يعني حضرت سيّدنا اِسماعيل عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام) جا پٽ آهن، ان جي زمين”تهامہ“ آهي ۽ ان جي ٻنهي ڪلهن جي وچ ۾” مهرِ نبوت“ آهي اهي جڏهن هلندا تہ ڪڪر ان تي ڇانوَ ڪندو. (نہ نہ بلڪ ڪڪر انهن سان ڇانوَ حاصل ڪندو)

ايتري ۾ عامر يمني جي بيمار ڌيءَ جيڪا هيٺ بي خبر سُتي پئي هئي پنهنجي پيرن سان هلي ڇت تي آئي، عامر يمني حيران ٿيندي چيو: اي منهنجي ڌيءَ تنهنجي اها تڪليف ۽ بيماري ڪيڏانهن وئي جنهن تنهنجو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو هو؟ ڌيءَ جواب ڏنو: بابا سائين! مان دنيا کان بي خبر سُتي پئي هيس تہ مون پنهنجي سامهون نور جي تجلي ڏٺي، منهنجي سامهون هڪ بزرگ تشريف وٺي آيو، مون پڇيو: اِهو نور ڇاجو آهي جيڪو مان ڏسي رهي آهيان ۽ هيءُ ڪير بُزرگ آهن، جن جي مبارڪ ڏندن جي نور مون تي ڇانوَ ڪئي آهي؟ جواب آيو: هيءُ عدنان جي پٽ جو نور آهي(حضرت عدنان رسولِ پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ابن ڏاڏن مان هڪ بزرگ آهي) جنهن سان ڪائنات پُرنور ٿي رهي آهي، ان جو نالو احمد و محمد آهي، فرمانبردارن تي رحم ۽ خطاڪارن کي معاف فرمائيندا. مون پڇيو: انهن جو دين ڪهڙو آهي؟ جواب ڏنو: اهي ”دينِ حَنِيْف“ (يعني سچي دين) تي آهن. مون پڇيو: اهي ڪنهن جي عبادت ڪن ٿا؟ جواب مليو: اَللّٰه وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ جي يعني ان الله پاڪ جي جيڪو اڪيلو آهي ۽ ان جو ڪو شريڪ ناهي. مون پڇيو: اوهان ڪير آهيو؟ تہ جواب مليو: مان انهن ملائڪن مان هڪ ملائڪ آهيان جنهن کي نُورِ محمدي ڪٽڻ جو شرف بخشيو ويو آهي. مون عرض ڪيو: ڇا توهان منهنجي هن تڪليف کي نٿا ڏسو؟ ملائڪ چيو: ها! تون نبيّءِ احمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وسيلي سان دعا ڪر. جو انهن جي وسيلي سان ڪيل دعا قبول ٿيندي آهي. اها ٻارڙي چوي ٿي تہ اهو ٻڌندي ئي مون پنهنجا ٻئي هٿ ڪنيا ۽ سچي دل سان الله پاڪ کان دعا گهري ۽ پوءِ ٻئي هٿ پنهنجي چهري ۽ جسم

تي ڦيريا، جڏهن ننڍ مان جاڳيس تہ ائين هيس جيئن اوهان مون کي هاڻي ڏسي رهيا آهيو.

اهو ٻڌي عامر يمني پنهنجي زال کي چيو: بيشڪ اسان هن (مبارڪ هستي) جون عجيب و غريب نشانيون ڏٺيون آهن، مان ان جي محبت ۽ ديدار جي تڙپ ۾ جهنگلن ۽ مشڪل ترين وادين کي طئي ڪندس. جيئن تہ عامر يمني ۽ ان جا سيئي گهروارا نور واري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تلاش ۾ نڪري پيا ۽ مڪي مڪرمہ جي سفر جو ارادو ڪيو، مڪي جي سرزمين ۾ داخل ٿي بيبي آمنہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي عاليشان گهر جو پتو پڇي دروازو وڄايو. بيبي آمنہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا اچڻ جو مقصد پڇيو: تہ انهن عرض ڪيو: اسان کي پنهنجي جگر جي ٽڪڙي، نورِ نظر جو نوراني چهرو ڏيکاريو جنهن پنهنجي تجلي سان سڄي دنيا کي چمڪائي ڇڏيو آهي جن جي طفيل الله ڪريم ڪائنات کي روشن ڪري ڇڏيو آهي. حضرت بيبي آمنہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا فرمايو: مان هاڻي پنهنجو نورِ نظر (يعني پنهنجو پيارو پيارو پٽ) توهان کي نٿي ڏيکاري سگهان ڇوتہ مون کي يهودين جو خوف آهي ڪٿي اهي منهنجي نورِ نظر کي نقصان نہ پهچائن ۽ مان نٿي ڄاڻان تہ توهان ڪير آهيو ۽ ڪٿان آيا آهيو؟ عامر يمني ۽ ان جي گهر وارن چيو: اسان تہ انهيء آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت ۾ پنهنجي وطن ۽ پنهنجي دين (يعني پنهنجي باطل مذهب) کي ڇڏيو آهي تہ جيئن هن نور واري سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ديدار سان پنهنجي اکين کي روشن ڪيون جن جي دربار ۾ حاضر ٿيڻ وارو ڪڏهن بہ ناڪام و نامراد ناهي موٽندو. اِهو ٻڌي بيبي آمنہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا فرمايو: چڱو جيڪڏهن منهنجي پياري پٽ جي ديدار کان سواءِ توهان جو گذارو نٿو ٿي سگهي تہ جلدي نہ ڪيو ٿوري دير بيهو. اِهو فرمائي پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا پنهنجي گهر تشريف وٺي ويون، ٿوري ئي دير ۾ ارشاد فرمايو: اندر اچو. اجازت ملندي ئي اهي ان مبارڪ ڪمري ۾ داخل ٿيا جنهن ۾ ٻنهي جهانن جا تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آرام فرمائي رهيا هئا، اُتي جي انوار و تجليات ۾ ائين گم ٿيا جو دنيا ۽ دنيا ۾

جيڪو ڪجھ آهي ان کان بي خبر ٿي ويا، بي اختيار الله پاڪ جو ذڪر ڪرڻ لڳا، جيئن ئي نوراني چهري تان پڙدو کڄو تہ ديدار ڪندي ئي سڏڪا پري زارو قطار روئڻ لڳا، قريب هو جو انهن جي جسم مان انهن جو روح نڪري وڃي ها. اڳتي وڌي رسولِ پاڪ صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پيارن پيارن مبارڪ ننڍڙن هٿڙن کي چميو. حضرت بيبي آمنہ رَضِیَ اللهُ عَنۡهَا ارشاد فرمايو: هاڻي اوهان جلدي مان هليا وڃو، آخرڪار نہ چاهيندي عامر يمني دل تي هٿ رکي گهر کان ٻاهر نڪتا. عامر يمني جي حالت ئي بدلجي چڪي هئي، هو ان نوراني چهري جي ديدار جو عاشق بڻجي چڪو هو، ديوانگي جي عالم ۾ رڙ ڪندي چوڻ لڳو: مون کي واپس بيبي آمنہ رَضِیَ اللهُ عَنۡهَا جي گهر وٺي هلو ۽ ٻيهر عرض ڪيو تہ مون کي(پنهنجي شهزادي جو) ديدار ڪرائي. بيبي آمنہ رَضِیَ اللهُ عَنۡهَا جي گهر واپس آيا (هن ڀيري) جيئن ئي عامر يمني حضورِ پاڪ صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ڏٺو تہ ڏسندي ئي قدمن تي ڪِري پيا پوءِ هڪ زوردار رڙ ڪئي ۽ ان جو روح ٻنهي جهانن جي رسول صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پيارن پيارن قدمن تي قربان ٿي ويو. (نعمت الڪبريٰ، ص 52)

امجد کا دل مٹھی میں لے کر سوتے ہو کیا انجان!
ننھے قدموں میں سر کو رکھ کر ہو جاؤں قربان مدنی

## ميلاد جون برڪتون

سُبۡحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! سرڪار عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دنيا ۾ تشريف ڪٺي آيا تہ ڪهڙي شان سان آمد ٿي...!! ڪهڙين ڪهڙين برڪتن جو ظهور ٿيو. هي سڄو بيان جيڪو اسان ٻڌو، انهن روايتن ۽ واقعن مان واضح ٿي ٿو تہ سرڪار عالي وقار صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ميلاد جي وقت زمين ۽ آسمان ۾ خوشيون ئي خوشيون هيون، جيتوڻيڪ انسانن جي

اڪثريت ان وقت ڪفر ۽ شرڪ ۾ مبتلا هئي پر الله ميلاد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ذڪر بلند ڪيو.

آمدِ سرکار سے ظلمت ہوئی کافور ہے
کیا زمیں کیا آسماں ہر سمت چھایا نور ہے (1)

## حضرت عباس رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ شعرن جي صورت ۾ ميلاد پڙهيو

پيارا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! ميلاد مصطفيٰ ملهائڻ، ميلاد جي نالي تي خوشي ملهائڻ، هن موقعي تي الله پاڪ جي آخري نبي، محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذڪر جون محفلون سجائڻ ڪا نئين ڳالهه نه آهي، اَلحمدلله! مسلمان شروع کان ئي پنهنجي زماني جي تقاضن جي مطابق هي نيڪ ڪم ڪندا آيا آهن. صحابهِ ڪرام رَضِیَ اللّٰه عَنۡهم به ميلاد جي ذڪر جون محفلون سجايون آهن. برڪت حاصل ڪرڻ جي لاءِ صرف هڪ واقعو ٻڌون ٿا. روايتن ۾ آهي: رسولِ انور، شاهه بحروبر غزوه تبوڪ کان واپس موٽيا، ان وقت حضرت عباس بن عبدالمطلب رَضِیَ اللّٰه عَنۡهُ ذڪر ميلاد تي پنهنجا لکيل ڪجهه شعر پڙهڻ جي اجازت گهري، سرڪار عالي وقار صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اجازت عطا فرمائي ته پاڻ ميلاد تي مشتمل قصيدي جا شعر پڙهيا، انهن مان ڪجهه هي آهن.

مِنْ قَبْلِهَا طِبْتَ فِي الظِّلَالِ وَفِي | مُسْتَوْدَعٍ حَيْثُ يَخْصِفُ الْوَرَقُ

اوهان ولادت کان پهريان ساين ۾ هئا يعني جنت جي اندر، حضرت آدم جي پٺي ۾

ثُمَّ هَبَطْتَ الْبِلَادُ لَابَشَرٌ | أَنْتَ وَلَا مُضْغَةٌ وَلَا عَلَقُ

پوءِ آدم جي پُٺي ئي ۾ زمين تي لٿا، تڏهن اوهان نه انساني صورت ۾ هئا، نه مُضۡغَه، نه عَلَقَه(هي حمل جي ابتدائي ڏينهن ۾ ٻار جي 2 حالتن جا نالا آهن.)

---

[1]...وسائلِ بخشش،صفحہ:483۔

بَلْ نُطْفَةٌ تَرْكَبُ السَّفِينَ وَقَدْ | أَلْجَمَ نَسْرًا وَأَهْلَهُ الْغَرَقُ

اوهان نوح جي پنيءِ ۾ ٻيڙي تي سوار ٿيا، جڏهن طوفان ڪافرن جي ڪوڙي خدا ۽ انهن جي پڄارين کي ٻوڙي ڇڏيو.

تُنْقَلُ مِنْ صَالِبٍ إِلَى رَحِمٍ | إِذَا مَضَى عَالَمٌ بَدَا طَبَقُ

اوهان پاڪ پنين مان رحمن جي طرف منتقل ٿيندا رهيا، هڪ طبقي کان بعد ٻيو طبقو ظاهر ٿيو

وَأَنْتَ لَمَّا وُلِدْتَ أَشْرَقَتِ | الْأَرْضُ وَضَاءَتْ بِنُورِكَ الْأُفُقُ

اوهان جي ولادت جي وقت زمين روشن ٿي، آسمان اوهان جي نور سان چمڪي پيو.

فَنَحْنُ فِي ذَلِكَ الضِّيَاءِ وَفِي | النُّورِ وَسُبُلِ الرَّشَادِ نَخْتَرِقُ (1)

اسان انهيءَ نور جي روشني سان هدايت جي راهن تي هلي رهيا آهيون.

پيارا اسلامي ڀائرو! غور ڪيو! پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ته تشريف فرما آهن، صحابه ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم به موجود آهن، ان نوراني محفل ۾ حضرت عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ نور واري آقا، محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ميلاد پڙهيو. انهي ڪري ته محفل ميلاد چوندا آهن. خبر پئي ميلاد ملهائڻ ڪا نئي ڳالهه نه آهي بلڪ شروع ئي کان مسلمانن جو طريقو رهيو آهي.

## شيطان ميلاد ناهي ملهائيندو

علامه سُهيلي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: شيطان 4 ڀيرا رڙيون ڪري رنو (1) جڏهن ملعون ٿيو(يعني بارگاهِ الٰهي مان تڙيو ويو) (2) جڏهن زمين تي لٿو (3) سُورت فَاتِحه نازل ٿيڻ وقت ۽ (3) رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادتِ باسعادت جي وقت.[1]

[1]... معجم ڪبير، جلد:3، صفحه:96،حديث:4057۔

حضرت عڪرمہ رَضِیَ اللہ عَنۡہُ کان روايت آهي: رسول اڪرمs صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي ولادت تي تہ شيطان چيو: رات هڪ ٻار پيدا ٿيو آهي جيڪو اسان جو ڪم بگاڙي ڇڏيندو. سندن چيلن چيو: تون هاڻي وڃ ۽ ان کي نقصان پهچائي سندن ڪم ۾ رڪاوٽ وجهي اچ! ان تي شيطان رسول اڪرم صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي ويجهو ٿيڻ چاهيو تہ الله پاڪ حضرت جبريل اَمين عَلَیۡہِ السَّلَام کي موڪليو، پاڻ عَلَیۡہِ السَّلَام ان کي زور سان لت هنئي جنهن سان هي مقام عدن ۾ وڃي ڪِريو.[2]

**عَدن؛** مڪي پاڪ کان هڪ مهيني جي مسافت تي[3] بحرالهند جي ساحل تي واقع ملڪ يمن جو شهر آهي.[4]

ہر ملک ہے شاداں، خوش آج ہر اک حور ہے
ہاں! مگر شیطان مع رفقا بڑا رنجور ہے (5)

## گهر گهر محفلِ ميلاد سجايو!

الحمد لله! اسان مسلمان آهيون، عاشقانِ رسول آهيون، اسان کي پنهنجي آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي دنيا ۾ آمد جي خوشي آهي. لهٰذا خوب خوب هن خوشي جو اظهار ڪيو! هر گهر سجايو! گهٽيون بہ سجايو! خوب ڌومون مچايو! الحمدلله! عام طور عاشقانِ رسول جي تقريباً هر مسجد ۾ محفلِ ميلاد ٿيندي آهي، ان سان گڏوگڏ ڪوشش ڪريو تہ ڪو امير هجي يا غريب هر عاشقِ رسول پنهنجي گهر ۾ بہ محفلِ ميلاد جو اهتمام ڪري. جنهن کي الله پاڪ استطاعت ڏني آهي، اُهو يلي وڏي محفلِ پاڪ جو اهتمام ڪري ۽ جيڪي

---

[1] الروض الانف، فصل فی المولد، جلد:1، صفحہ:308
[2] سبل الہدی، جماع ابواب مولدہ...الخ، الباب العاشر، جلد:1، صفحہ:350۔
[3] المسالك و الممالك،ديار العرب، صفحہ:28۔
[4] معجم البلدان، باب العين و الدال و ما يليها، جلد:4، صفحہ:88۔
[5] ...وسائلِ بخشش،صفحہ:483۔

غريب آهن، اهي بہ پنهنجي استطاعت مطابق گهر ۾ محفل پاڪ جو اهتمام ڪن، توڙي جو مختصر پروگرام ڪري ونن پر محفلِ ميلاد لازمي سجائن. ڪا مشڪل نہ آهي، پنهنجي گهر ۾ جتي سهولت هجي پردي جي اهتمام سان جڳهہ خاص ڪريو! پاڙي جي گهٽ نہ تہ 8، 10 اسلامي ڀائرن کي دعوت ڏئي ونو! پاڙي واري مسجد جي عاشقِ رسول امام صاحب جي خدمت ۾ عرض ڪريو! اِنْ شَآءَ الله الْكَرِيْم! هُو ذڪرِ محبوب جي لاءِ منع نہ ڪندا، مختصر تلاوت هجي، هڪ، بہ نعتون پڙهي ونو !امام صاحب 15، 20 منٽن جو بيان ڪري، جيڪڏهن امام صاحب يا ڪنهن عاشقِ رسول مبلغ جي ترڪيب نہ بہ ٺهي سگهي تڏهن بہ مشڪل نہ آهي، اميرِ اهل سنت، حضرتِ علامہ مولانا محمد الياس عطّارقادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو رسالو آهي: صبحِ بهاران، اهڙيءَ طرح مڪتبة المدينہ جا ٻيا بہ ڪيئي رسالا آهن جهڙوڪ **سياھ فام غلام، پيانڪ اُٺ، پوڙهو پوڄاري**، نور وارو چهرو، نور جو رانديڪو، **عاشقِ ميلاد بادشاھ** انهن مان ڪو بہ رسالو يا **شانِ مصطفٰي تي** 12 **بيانن** وارو **مختصر ڪتاب** حاصل ڪريو !يا دعوت اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان مفت ڊاؤن لوڊ ڪري پاڻ ئي پڙهي ڪري ٻڌايو !بيان تي ويندو، آخر ۾ پنهنجي استطاعت جي مطابق کيرٽي وغيره ورهائي ونو !جيڪڏهن کيرٽي وغيره بہ ميسّر نہ هجي تہ ڪا ڳالهہ ناهي، جيڪو هجي، اهو ئي سهي، ميلاد ملهائڻ جي لاءِ لنگر يا کيرٽي وغيره ضروري بہ ناهي، الله پاڪ جي بارگاھ ۾ پئسا ۽ اهتمام نہ بلڪ دل جو اخلاص قبول ٿيندو آهي. تنهنڪري الله پاڪ جيڪا توفيق بخشي آهي، محفل ۾ شريڪ ٿيڻ وارن جي خدمت ۾ پيش ڪري ڇڏيو !اِنْ شَآءَ الله الْكَرِيْم !سڄو سال گهر ۾ برڪت رهندي.

وہ لوگ خُدا شاہِد قسمت کے سکندر ہیں | جو سرورِ عالَم کا میلاد مناتے ہیں

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: هفتيوار مدني مذاڪرو

پيارا اسلامي ڀائرو! عِلمِ دين سکڻ، نيڪين جو جذبو ماڻڻ، اولياءِ ڪرام جي محبت دِل ۾ وڌائڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو ۽ 12 ديني ڪمن ۾ عملي طور حِصّو وٺو! دعوتِ اسلامي جي 12 ديني ڪمن مان هفتيوار هڪ دِيني ڪم آهي: مدني مذاڪرو.

الحمد لله! امير اهلسنت، حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياسطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ هر ڇنڇر جي ڏينهن بعد نماز عشاء مدني چينل تي Live (براہ راست) مدني مذاڪرو ڪندا آهن يعني سڄي دُنيا مان عاشقانِ رسول جي طرفان پڇيل سوالن جا جواب ارشاد فرمائيندا آهن. الحمد لله! مدني مذاڪرو عِلمِ دين سکڻ جو بهترين ۽ آسان ترين ذريعو آهي، اوهان بہ ڪوشش ڪري هر ڇنڇر ۽ آچر جي وچين رات بعد نمازِ عشاء مدني چينل تي ۽ جيڪي عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي پهچي سگهن ٿا اهي اتي وڃي مدني مذاڪري ۾ شرڪت جي عادت بڻائن، هن جي برڪت سان اِنْ شَآءَ اللّٰه الڪرِيم! عِلمِ دين سکڻ، عَمَل جو جذبو وڌائڻ ۽ قبر و آخرت جي تياري جو ڀرپور ذهن بڻجندو.

ميلاد (ربيع الاول) واري مهيني جي مدني مذاڪرن جي ڇا ڳالھ ڪجي، مرحبا يا مصطفيٰ جون ڌومون مچائيندڙ جلوسِ ميلاد جا روح کي وڻندڙ نظارا ڏسڻ سان گڏوگڏ جشنِ ولادت بابت پڇيل سوالن جا عشقِ رسول سان مالا مال جواب ٻڌڻ لاءِ ملندا آهن، الله پاڪ اسان سڀني کي انهن مدني مذاڪرن جو فيضان نصيب فرمائي.

## علم ۽ حڪمت ڀريو مدني مذاڪرو

واه ڪينٽ (ضلعو راولپنڊي) جي هڪ نوجوان جو بيان آهي : نمازون قضا

ڪرڻ، فلمون ڏسي شيطان کي خوش ڪرڻ ۽ ڳائڻ وڄائڻ وغيره ٻُڌي مست رهڻ منهنجو روزانو جو ڪم هو، افسوس! مان سُنتن تي عمل ڪرڻ کان محروم هئس، منهنجي گُنَاهن ڀري زِندگي ۾ روشني هيئن آئي جو هڪ ڏينهن هڪ مبلغ دعوتِ اسلامي سان منهنجي ملاقات ٿي، ان مون کي سمجهائيندي اجتماعي سُنَّت اعتڪاف جو ذهن ڏنو، ان جي مٺي انداز ۾ ڏنل نيڪي جي دعوت منهنجي دِل کي وڻي وئي ۽ مان اجتماعي اعتڪاف ۾ شريڪ ٿيس، هاڻ منهنجا رات ڏينهن عبادت ۾ گذرڻ لڳا، پُرسوز بيانن ۽ رِقَّت انگيز دُعائن منهنجي دِل واري دنيا ئي بدلي ڇڏي، وڌيڪ ڪرم اهو ٿيو جواجتماعي اعتڪاف ۾ امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَکَاتُہُمُ الۡعَالِیَہۡ جو مدني مذاڪرو ٻڌڻ جي سعادت ملي، سندن اثرائتي گفتگو سان مان ايتري قدر متاثر ٿيس جو مون هڪدم پنهنجي اڳوڻن سمورن گناهن کان توبہ ڪئي ۽ نمازن جي پابندي جو پڪو ارادو ڪيو، امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَکَاتُہُمُ الۡعَالِیَہۡ جي ترغيب ڏيارڻ تي چند رات جو گهر وڃڻ بدران راهِ خُدا جو مسافر بڻجي ويس جتي عِلمِ دين جي سنهري موتين سان دامن ڀرڻ جو موقعو مليو ۽ سنتون سکڻ سان گڏوگڏ ان تي عمل ڪرڻ جو جذبو بہ دِل ۾ پيدا ٿي ويو.

## ڪلمو اينڊ دُعا (Kalma &Dua) ايپ جو تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي جي آئي، ٽي ڊيپارٽمنٽ هڪ تمام ئي پياري موبائل ايپليڪيشن (Application) بنام ”ڪلمو ۽ دُعا“ (Kalma &Dua) جاري ڪئي آهي. هن ايپليڪيشن جي ذريعي تمام آسان انداز سان ٻارن جي تربيت ڪري سگهجي ٿي. ❀ هن ايپليڪيشن ۾ ٻارن جي لاءِ 6 ڪلما آواز (Audio) جي صورت ۾ لفظ جي ادائيگي ۽ ترجمي سان گڏ ❀ روزمره جون 16 مختلف دعائون مثال طور ڀاڙي پيئڻ جي دُعا، کاڌو کائڻ کان پهريان جي دُعا، ۽ کاڌو کائڻ کان بعد جي دُعا، کير پيئڻ جي دُعا، سمهڻ وقت جي دُعا وغيره لفظ جي ادائيگي ۽ ترجمي سان گڏ ❀ ۽ مختلف

موضوعن تي سنتون ۽ آداب مثال طور کاڌو کائڻ جون سنتون ۽ آداب، سلام ڪرڻ جون سنتون ۽ آداب، پاڻي پيئڻ جون سنتون ۽ آداب وغيره. اوهان بہ پنهنجي موبائل ۾ اها ايپليڪيشن انسٽال ڪري فائدو وٺو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بَيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت، ڪجھ سُنّتون ۽ آداب بَيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِ رسالت، شَهنشاھ نُبُوت صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّۃِ جنهن منهنجي سُنّت سان مَحَبَّت ڪئي ان مون سان مَحَبَّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحَبَّت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## وعدي جي پابندي سُنت آهي

ٻہ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم:(1): جيڪو وعدو پُورو نٿو ڪري، ان جو ڪو ايمان ناهي. (مصنف اِبْنِ اَبی شیبه، کتاب: الایمان، جلد:7صفحه:223) (2):جيڪو مسلمان پنهنجي ڀاءُ سان وعدو خلافي ڪري ان تي الله پاڪ ۽ ملائڪن ۽ تمام انسانن جي لعنت آهي. (بخاری، کتاب:جِزْیه، صفحه:815، حدیث:3179)

اي عاشقانِ رسول! وعدو پورو ڪرڻ سُنّتِ مصطفيٰ بلڪ سُنّتِ انبياء آهي. ❀ اسان جا آقا صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم وعدي جا گهڻا پَڪا هئا ۽ ❀ وعدو ٽوڙڻ کي تمام ناپسند ڪندا هئا. ❀ اِعلانِ نبوت کان پهريان هڪ ڀيري هڪ شخص پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم کي عرض ڪيو: اوهان ترسو مان اجهو ٿو موٽان ، اهو شخص هليو ويو پر واپس اچڻ وسري ويس، ٽن ڏينهن کان

[1] مشکوٰۃ الصابیح،کتاب الایمان،باب الاعتصام بالکتاب والسنۃ ،الفصل الثاني،55/1،حدیث:175

پوءِ ان کي ٻيهر ياد آيو، جڏهن اهو انهيءَ هنڌ پهتو تہ اهو ڏسي حيران رهجي ويو تہ رسول اڪرم صَلَّى الله عَلَيْهِ وآلِهٖ وَسَلَّم ٽي ڏينهن گذرڻ جي باوُجود اتي ئي بيٺا آهن ۽ مَاشَآءَ الله! شفقت و رَحمت ۽ حُسنِ اَخلاق ڏسو! پاڻ سڳورن صَلَّى الله عَلَيْهِ وآلِهٖ وَسَلَّم ان کي ڏڙڪا ڪونہ ڏنا، ڪاوڙ نہ ڪئي، بَس ايترو فرمايائون: اي شَخص! تو مون کي مشقت ۾ وجهي ڇڏيو. (اَبُو داؤد، ڪتاب: ادب، باب: وعده، صفحہ:781، حديث:4996) الله پاڪ اسان کي بہ سُنّتِ سرڪار تي عمل ڪندي وعدا پُورا ڪرڻ وارو بڻائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مڪتبةُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ جو 91 صفحن جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

سنتیں سیکھنے تین دِن کے لئے | ہر مہینے چلیں، قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## جشن ولادت جي باري ۾ مڪتوبِ عطار

سگ مدينہ محمد الياس عطار قادري عفي عنہ جي طرفان تمام عاشقانِ رسول اسلامي ڀائرن جي خدمت ۾

السلام عليكم ورحمة الله وبركاته الحمد لله رب الْعٰلمين عليٰ كل حال

اَلْحَمْدُ لِلّٰه ربّ الْعٰلمين! خوشي مان جهومو! جلد ئي ماهِ ربيع الاول اچڻ وارو آهي، سنين سنين نيتن سان جشنِ ولادت جون ڌومون مچائڻ جي لاءِ

تيار ٿي وڃو.

تم بھی کرکے اُن کا چرچا اپنے دِل چمکاؤ | اونچے میں اونچا نبی کا جھنڈا گھر گھر میں لہراؤ

1) **چنڊ** واري رات جو هنن لفظن ۾ ٿي پيرا مسجدن ۾ اعلان ڪرايو: ”تمام اسلامي ڀائرن ۽ ڀينرن کي مبارڪ هجي جو ربيع النور شريف جو چنڊ نظر اچي ويو آهي“

ربیعُ النُّور اُمیدوں کی دنیا ساتھ لے آیا | دعاؤں کی قَبولیَّت کو ہاتھوں ہاتھ لے آیا

2) **براءِ ڪرم! ربيع الاول شريف جي برڪت سان اڄ کان ئي اسلامي ڀائر هميشہ جي لاءِ هڪ مٺ ڏاڙهي ۽ اسلامي ڀينرون مستقل شرعي پردو ڪرڻ جي نيت ڪن .** (مرد جو ڏاڙهي ڪوڙائڻ يا هڪ مٺ کان گهٽائڻ ۽ عورت جو بي پردگي ڪرڻ حرام آهي ۽ فوراً توبہ ڪري انهن گناهن کي هميشہ جي لاءِ ڇڏي ڏيڻ ضروري آهي.)

جُھک گیا کعبہ سبھی بُت منہ کے بل اَوندھے گرے | دَبدبہ آمد کا تھا، اَھلاً وَّ سَھلاً مرحبا

3) سنتن ۽ نيڪين تي استقامت حاصل ڪرڻ جو بهترين فارمولو هي آهي تہ تمام عاشقان رسول اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرون اڄ ڇا ڇا عمل ڪيو؟ ان جي متعلق روزانو ”**پنهنجي اعمال جو جائزو وٺندي نيڪ اعمال جو رسالو** پري هر مهيني جي پهرين تاريخ پنهنجي هتان جي ذميدار کي جمع ڪرايو. تقويٰ جو خزانو هٿ ايندو ۽ عشقِ رسول جا جام پري پيئڻ جي لاءِ ملندا.

بدلیاں رَحمت کی چھائیں بُوندیاں رَحمت کی آئیں | اب مرادیں دل کی پائیں آمدِ شاہِ عَرَب ہے

4) دعوت اسلامي جي نگرانن ۽ ذميدارن سميت نيت ڪيو تہ هفتہ وار مدني مذاڪري ۾ شرڪت (سوال جواب شروع ٿيڻ کان گهٽ ۾ گهٽ 1 ڪلاڪ 12 منٽ) ۽ هفتيوار سنتن پري اجتماع ۾”رات

گذاريندا سين، هي نيت بہ ڪيو تہ هر مهيني 3 ڏينهن جي، هر 12 مهينن ۾ 1 مهيني ۽ زندگي ۾ گهٽ ۾ گهٽ سال جي مدني قافلي ۾ سفر ڪنداسين. تمام عاشقانِ رسول نگران و ذميدارن سميت ربيع الاول ۾ بارگاهِ رسالت ۾ ايصالِ ثواب جي نيت سان گهٽ ۾ گهٽ 3 ڏينهن جي لاءِ سنتون سکڻ ۽ سيکارڻ جي مدني قافلي ۾ سفر ڪن. ۽ روزانو"گهر درس" بہ ڏين يا ٻڌن.

میں مبلّغ بنوں سنتوں کا، خوب چرچا کروں سنتوں کا

یاخدا! درس دوں سنتوں کا، ہو کرم! بہر خاکِ مدینہ

5) پنهنجي مسجد، گهر، دڪان، ڪارخاني وغيره تي 12 **عدد** نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ هڪ عدد مدني جهنڊو **ربيع النور شريف** جي چنڊ رات کان وٺي **12** ربيع الاول تائين لهرايو، بسن، ويگنن، ٽرڪن، ٽرالن، ٽيڪسين، رڪشن، ريڙهن، گهوڙي گاڏين وغيره تي مدني پرچم ٻڌو. پنهنجي سائيڪلن، اسڪوٽر ۽ ڪار تي بہ لڳايو، هر طرف ساون ساون جهنڊن جون بهارون مرڪندي نظر اينديون، عام طور تي ٽرڪن جي پٺيان جاندارن جون وڏيون وڏيون تصويرون ۽ بي ڍنگا شعر لکيل هوندا آهن، ٿي سگهي تہ پنهنجي گاڏين تي هي لکرايو **"مون کي دعوتِ اسلامي سان پيار آهي."**

**دعاءِ عطار**: ياربِّ مصطفيٰ! جيڪو پنهنجي اسڪوٽرن تي (صرف اڳيان ۽) ڪارن، ٽيڪسين، بسن، ٽرڪن، پاڻي جي ٽينڪرن، ويگنن، رڪشن، سوزوڪين وغيره تي اڳيان يا پٺيان يا ٻنهي طرف**"مون کي دعوتِ اسلامي سان پيار آهي"** لکي يا لکرائي يا اسٽيڪر لڳرائي. ان جي گاڏي کي ايڪسيڊنٽ کان محفوظ فرماءِ ۽ ان کي بي حساب بخشي ڇڏ. جيڪو ڪنهن

ڳاڏي واري کي ان ڪم جي لاءِ تيّار ڪري ان جي حق ۾ بہ اها دعا قبول فرماءِ.

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

**ضروري احتياط:** جيڪڏهن جهنڊي تي سبز گنبد، نعلين پاڪ جو نقش پاڪ يا ڪا لکت هجي تہ هن ڳالهہ جو خيال رکو تہ نہ اهو ليڙون ليڙون ٿئي، نہ ئي زمين تي اڇي پئي، جيڪڏهن اَدب نہ ٿي سگهي تہ اهڙو پرچم نہ لهرايو، جيئن ئي 12 **ربيع النور شريف** جو ڏينهن موڪلائي وڃي تہ فوراً تمام جهنڊا ۽ لائٽنگ جو سامان لاهي ڇڏيو، خاص طور مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ۽ مساجدِ دعوتِ اسلامي و جامعة المدينہ و مدرسة المدينہ تان بہ بروقت لاهڻ جي ترڪيب ڪيو.

نبی کا جھنڈا لیکر نکلو دنیا پر چھا جاؤ | نبی کا جھنڈا امن کا جھنڈا گھر گھر میں لہراؤ

6) پنهنجي گهر تي 12 جهالرن (يعني لڙهين) يا گهٽ ۾ گهٽ 12 بلبن سان ۽ پنهنجي مسجد ۽ محلي ۾ بہ 12 ڏينهن تائين عرف مطابق چراغان (يعني لائيٽنگ) ڪيو جتي مسجد جي چندي مان 12 ڏينهن تائين چراغان جو عرف(يعني معمول) نہ هجي تہ ان ڪم جي لاءِ الڳ کان چندو ڪري 12 ڏينهن تائين چراغا ڪري سگهجي ٿو. سڄي علائقي کي ساون ساون جهنڊن ۽ رنگ برنگي بتين سان سينگاري ڪنوار بڻائي ڇڏيو. ممڪن هجي تہ مسجد ۽ گهر جي ڇت ۽ چوڪ وغيره تي واٽهڙن ۽ سوارين کي تڪليف کان بچائيندي حقوق عامہ ضايع ڪرڻ کان بغير فضا ۾ لڙڪندڙ 12 ميٽر يا ضرورت مطابق سائيز جا وڏا وڏا جهنڊا لهرايو، وچ رستي تي جهنڊا نہ هڻو جو ان سان ٽريفڪ جو نظام متاثر ٿيندو آهي، خبردار! گهٽيءَ وغيره ۾ ڪٿي بہ اهڙي سجاوٽ نہ ڪيو جنهن سان مسلمانن جو رستو سوڙهو ٿيڻ ۽ انهن جي حق تلفي ۽ دل آزاري جو سبب ٿئي. (ياد رهي! انهن سجاوٽن جي

لاءِ به بجلي چوري ڪرڻ حرام آهي، لهٰذا هن سلسلي ۾ بجلي فراهم ڪرڻ واري اداري سان رابطو ڪري جائز ترڪيب ٺاهيو.)

ايک مشرق،ايک مغرب، ايک بامِ کعبہ پر | نَصب پرچم ہوگیا، اَهْلاً وَّ سَهْلاً مرحبا
(وسائل بخشش ص345)

7) هر اسلامي ڀاءُ طاقت آهر مڪتبة المدينہ جا ديني رسالا ۽ مدني گلن جا مختلف پمفليٽ ميلاد جي جلوس ۾ ورهايو. اهڙي طرح سڄو سال دڪانن وغيره تي”تقسيمِ رسائل“ جو اهتمام فرمائي ڪري نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچايو. شادي غمي جي موقعن تي ۽ مرحومن جي ايصال ثواب جي خاطر به ”تقسيمِ رسائل“ جي ترڪيب ڪيو ۽ ٻين مسلمانن کي به ان جي ترغيب ڏياريو . ۽ سيئي هفتيوار رسالا پڙهڻ يا ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪيو، ۽ هرسال وڏيڪ 12 مهينن جي لاءِ”ماهنامہ فيضانِ مدينہ“ جي بڪنگ ڪرايو.

چار سُو رحمتوں کی ہوائیں چلیں،ہوگئی جس سے ساری فضادل نشیں | مسکراؤ سبھی آگئے ہیں نبی، غم کے مارو تمہاری خوشی کے لیے
(وسائل بخشش ص345)

8) پمفليٽ ”جشنِ ولادت جا 12 مدني گل“ممڪن هجي تہ 112 نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ 12 عدد ۽ تي سگهي تہ رسالو “صبح بهاران” 12 عدد مڪتبةالمدينہ تان هديو ڏئي حاصل ڪري ورهايو، خصوصاً انهن تنظيمن جي سربراهن تائين پهچايو جيڪي ربيع الاول ۾ لائٽنگ ڪندا يا محفلِ نعت يا جلوسِ ميلاد جون ڌومون مچائيندا آهن. ربيع النور شريف جي دوران (بالغان يا بالغات) ڪنهن سني عالم يا امام مسجد، مؤذن يا خادمِ مسجد جي ڪجھ نہ ڪجھ مالي خدمت ڪيو ۽ زهي نصيب! هر مهيني اها سعادت حاصل فرمايو. شادين جي موقعن تي”شادي ڪارڊ“ سان گڏ مڪتبة المدينہ جو ديني رسالو بہ وجهي

چڏيو. عيد ڪاردن جي بدران ديني ڪتاب ۽ رسالا ڏيڻ جو رواج وجهو تہ جيئن جيڪا رقم خرچ ٿئي ان سان دين جو بہ فائدو ملي. شادي غمي جي تقريبن ۾ پنهنجي شهر جي مڪتبة المدينہ ڪان ترڪيب بڻائي بستو لڳرايو ۽ مهمانن ۾ توفيق آهر اسلامي ڪتاب ۽ رسالا مفت تقسيم ڪيو.

ولادتِ شہِ دیں ہر خوشی کی باعث ہے | ہزار عید سے بھاری ہے بارہویں تاریخ[1]

9) شهرن، ڳوٺن وغيره ۾ هر يوسي جا نگران 12 ڏينهن تائين روزانو مختلف مساجد ۾ عظيم الشان سنتن پريا اجتماعات منعقد ڪن. شخصيات جي گهرن، عاشقانِ رسول جي دڪانن، مارڪيٽن، ڪارخانن، تعليمي ادارن وغيره ۾ بہ اجتماع ڪيو. (ذميدار اسلامي ڀينرون مدني مرڪز جي ڏنل طريقيڪار جي مطابق گهرن ۾ اجتماعات فرمائن)

لب پر نعتِ رسولِ اکرم ہاتھوں میں پرچم | دیوانہ سرکار کا کتنا پیارا لگتا ہے

10) 11 ربيع الاول جي شام جو نہ تہ ٻارهينءَ جي رات غسل ڪيو، ٿي سگهي تہ هن عيدن جي عيد جي تعظيم جي نيت سان اڇو لباس، عمامو، سربند، ٽوپي، مٿي تي پائڻ چاهيو تہ سفيد چادر، پردي ۾ پردي لاءِ چادر، ڏنڊڻ، کيسي جو رومال، چپل، تسبيح، عطر جي شيشي، هٿ جي گهڙي، قلم، قافلو پيڊ وغيره پنهنجي استعمال جي هرشيءِ ممڪن هجي تہ نئين وٺو. (مجلسِ ميلاد شريف ۽ ٻين مجالسِ خير جي لاءِ غسل ڪرڻ مستحب آهي. ڏسو: نماز جا احڪام ص 115)

آئی نئی حکومت سکّہ نیا چلے گا | عالم نے رنگ بدلا صبحِ شبِ ولادت

11) ٻارهين جي رات اجتماع ميلاد ۾گذاري صبح صادق جي وقت پنهنجن

---

[1]... ذوقِ نعت ص١٢٢

هٿن ۾ سبز سبز جهنڊا کڻي، درود ۽ سلام پڙهندي اکين مان ڳوڙها وهائيندي **”صبحِ بهاران“** جو استقبال ڪيو. فجر جي نماز ڪانپوءِ **سلام ۽ عيد مبارڪ** چئي هڪ ٻئي سان گرم جوشي سان ملاقات فرمايو ۽ سڄو ڏينهن عيد جون مبارڪون پيش ڪندا ۽ عيد ملندا رهو.

عیدِ میلادُ النّبی تو عید کی بھی عید ہے | بالیقیں ہے عیدِ عیداں عیدِ میلادُ النّبی

12) **الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي، محمد رّسول الله** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سومر شريف تي روزو رکي پنهنجي ولادت جو ڏينهن ملهائيندا رهيا، توهان به يادمصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ 12 **ربيع النور شريف** جو روزو رکي ڪري سائو جهنڊو کڻي **جلوسِ ميلاد** ۾ شريڪ ٿيو. جيستائين ممڪن ٿئي با وضو رهو ۽ زبان تي درود و سلام ۽ نعتن جا نغمہ ڳائيندي ۽ درود ۽ سلام جا گل پيش ڪندي نگاهون جهڪائيندي باوقار طريقي سان هلو. نينگ ٽپا ڏيندي ڪنهن کي تنقيد جو موقعو نہ ڏيو. (ذميدارنِ دعوتِ اسلامي جلوسِ ميلاد ۾ اهي ئي نعرا لڳائن يا گاڏين ۾ اهي ئي نعتون هلائن جيڪي مدني مرڪز طرفان جاري ڪيل آهن)

ربیعُ الاوّل تجھ پر اہلسنّت کیوں نہ ہوں قرباں | کہ تیری بارھویں تاریخ وہ جانِ قمر آیا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد